# مولىٰ علي رضي الله عنه

# جا 72 ارشاد

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: مولي علي رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ جا 72 ارشاد

ڇاپو پهريون: رمضان المبارڪ 1442هـ آپريل 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

## ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، امير اهلسنّت، باني ۽ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# مولىٰ علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جا 72 اِرشاد

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## مولٰيٰ علي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جا 72 اِرشاد

دعاءِ عطار: ........................................................ 1
درود شريف جي فضيلت ........................................ 1
مولٰيٰ علي جو تعارف ........................................ 1
شير خدا جا ارشادَ ............................................... 2
شيخينِ ڪريمين جي باري ۾ ارشادات .............................. 10
جنت جو اجازت نامو .............................................. 12
چڱي صحت جي باري ۾ ارشادات .................................. 14
امام حسن مجتبيٰ جي نصيحتون ................................ 16

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جا 72 اِرشاد

## دعاءِ عطار:

يارَبَّ المصطفيٰ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جا 72 ارشاد“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي موليٰ علي شير خدا (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ) جي صدقي تمام صحابہ و اهلبيت جو سچو غلام بڻاءِ ۽ ان کي موليٰ علي (رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ) جو جنت الفردوس ۾ پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِیۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صلّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلّم

## درود شريف جي فضيلت

هڪ ڀيرو ڪنهن فقير غير مسلمن کان سوال ڪيو، انهن مذاق مان موليٰ علي مشڪل ڪشاء شيرخدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ڏانهن موڪلي ڇڏيو موليٰ علي رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ سامهون ئي وينا هئا. ان حاضر ٿي سوال ڪيو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ درود شريف پڙهي ان جي ترڏيءَ تي دم ڪيو ۽ فرمايائون: تہ مُٺ بند ڪري ڇڏ جن ماڻهن موڪليو آهي انهن جي سامهون وڃي کول، (ڪافر کلي رهيا هئا تہ خالي ڦوڪ هٿڻ سان ڇا ٿيندو!) پر جڏهن سائل انهن جي سامهون مٺ کولي تہ ان جي هٿ ۾ هڪ دينار هيو! اها ڪرامت ڏسي ڪيئي غير مسلم مسلمان ٿي ويا. (راحت القلوب، ص 142)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## موليٰ علي جو تعارف

مسلمانن جو چوٿون خليفو، اميرالمؤمنين حضرتِ موليٰ علي

شيرخدا رَضِیَ اللہُ عَنْہ مڪي شريف ۾ پيدا ٿيو. سندن والده محترمه پنهنجي پيءُ جي نالي تي سندن نالو”حيدر“ رکيو، والد سندن نالو ”علي“ رکيو ۽ حضور صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي”اسدالله“ جي لقب سان نوازيو.
(مرأةالمناجيح، جلد8، ص412)

ان کان علاوه ”مرتضيٰ (چونديل)، ”ڪَرّار(بار بار حملو ڪندڙ)“ ، ”شير خدا“ ۽”موليٰ مشڪل ڪشا“ سندن مشهور لقب آهن. حضرت موليٰ مشڪل ڪشا، علي المرتضيٰ، شيرخدا رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ڪنيت ”ابوالحسن“ ۽ ”ابوتراب“ آهي. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفٰي جا سؤٽ آهن. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ 4 سال، 8 مهينا، 9 ڏينهن تائين خلافت فرمائي. 17 يا 19 رمضان المبارڪ تي هڪ خبيث خارجي جي قاتلاڻي حملي سان پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ سخت زخمي ٿي پيا ۽ 21 رمضان المبارڪ، آچر جي رات شهيد ٿي ويا.

(اسدالغابہ، جلد4 ص 100. تاريخ الخلفاء، ص 132، 139، خلفاءِ راشدين، ص 313)

**الله ربّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.** اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## شيرخدا جا ارشادَ

(1) عمل کان وڌيڪ ان جي قبوليت جو اهتمام ڪيو، انڪري جو پرهيزگاري سان ڪيو ويندڙ ٿورو عمل به گهٽ هوندو آهي ۽ جيڪو عمل مقبول ٿي وڃي اهو ڪيئن ٿو ٿورو ٿي سگهي؟
(ڪنزالعمال، جز:2، 278/1، حديث:8492)

(2) (عيد جي ڏينهن فرمايائون:) هر اهو ڏينهن جنهن ۾ الله پاڪ جي

نافرماني نہ ڪئي وڃي اسان جي لاءِ عيد جو ڏينهن آهي.
(قوت القلوب، جلد2 ص 38)

(3) مان توهان تي ٻن شين جي ڪري گهڻو خوف زده رهان ٿو (1) خواهش جي پيروي ۽ (2) وڏيون اميدون. (الزهد لابن المبارڪ، 86/1، رقم255)

(4) جيڪو شخص اهو گمان رکي ٿو تہ نيڪ عمل اپنائي بغير جنت ۾ داخل ٿيندو تہ اهو ڪوڙي اميد جو شڪار آهي. (ايها الولد، ص11)

(5) خرچ ڪيو، تشهير نہ ڪيو ۽ پاڻ کي انڪري بلند نہ ڪيو جو توهان کي سڃاتو وڃي ۽ توهان جو نالو ٿئي بلڪ لڪيل رهو ۽ خاموشي اختيار ڪيو، سلامت رهندؤ. (احياءالعلوم، 339/3)

(6) انسان جو قد 22 سال جڏهن تہ عقل 28 سالن جي عمر تائين وڌندو آهي، ان کان پوءِ مرڻ گهڙي تائين تجربن جو سلسلو رهندو آهي. (الڪواڪب الدريہ، 102/1)

(7) گناهن جي نحوست سبب عبادت ۾ سستي ۽ رزق ۾ تنگي ايندي آهي. (طبقات الصوفياء،106/1)

(8) ٻانهو بي صبري ڪري پاڻ کي حلال روزي کان محروم ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ان جي باوجود پنهنجي مُقَدَّر کان وڌيڪ ناهي حاصل ڪري سگهندو. (المستطرف، 124/1)

(9)جنهن "تڪليف" کانپوءِ "جنت" ملڻ واري هجي اها"تڪليف" ناهي ۽ جنهن "راحت" جو انجام "دوزخ" تي هجي اها "راحت" ناهي.
(المستطرف 140/1)

(10) پنهنجي راءِ ڪافي سمجهڻ وارو خطري ۾ آهي. (المستطرف131/1)

(11) جڏهن توهان پنهنجي دشمن کان بدلو وٺڻ تي قادر ٿي وڃو تہ

ان جي شڪراٽي ۾ ان کي معاف ڪري ڇڏيو.
(الڪواڪب الدريہ، قسم اول 102/1)

(12) انهن ماڻهن مان نہ ٿجو جن کي نصيحت انهيءَ وقت فائدو ڏيندي آهي جڏهن تمام گهڻو شرمنده ڪيو وڃي. (المستطرف139/1)

(13) لالچ جي چمڪ ڏسي اڪثر عقل ڏوڪي ۾ اچي ويندو آهي.
(المستطرف128/1)

(14) جڏهن ڪنهن شخص جو عقل ڪامل ٿي ويندو آهي تہ ان جي گفتگو ۾ ڪمي اچي ويندي آهي. (المستطرف146/1)

(15) ماڻهن ۾ جيڪو وڏيڪ علم وارو هوندو آهي اهو الله پاڪ کان گهڻو ڊڄندو، گهڻي عبادت ڪندو ۽ الله پاڪ (جي رضا) جي لاءِ وڏيڪ نصيحت ڪندو آهي. (منهاج العابدين، ص16)

(16) مال ۽ اولاد دنيا جي کيتي آهي ۽ نيڪ اعمال آخرت جي، الله پاڪ پنهنجي ڪيئي ٻانهن کي اهو سڀ عطا فرمائيندو آهي.
(حسن التنبہ، 174/3)

(17) جيڪڏهن مان چاهيان تہ سوره فاتحہ جي تفسير سان 70 اُٺ ڀري ڇڏيان. (يعني ان جي تفسير لکندي ايترا رجسٽر تيار ٿي وڃن جو 70 اُٺ ان کي کڻن.) (قوت القلوب، 92/1)

(18) جيڪڏهن شراب جو هڪڙو قطرو کوه ۾ ڪِري پئي پوءِ انهيءَ جڳهہ تي مينار ٺاهيو وڃي تہ مان اُن تي اَذان نہ ڏيان ۽ جيڪڏهن درياء ۾ شراب جو ڦڙو ڪري پئي پوءِ درياء سُڪي وڃي ۽ اُتي گاهہ ڦٽي اچي تہ مان ان ۾ پنهنجي جانورن کي نہ چاريان.
(تفسير مَدارڪ، پ1، البقره، تحت الآية:219 ص113)

(19) وڏيون اميدون آخرت کي ويسارائي ڇڏينديون آهن ۽ خواهشن جي پيروي حق کان روڪيندي آهي. (شعب الايمان،369/7، حديث:10216)

(20) پنهنجي گهرن مان ڪوريئڙن جا جار پري ڪيو، اهي ناداري (تنگدستي) جو سبب هوندا آهن.

(تفسير مدارڪ، پ 20، العنڪبوت، تحت الآية: 41، 584/5)

(21) هر نيڪي ڪرڻ واري جي نيڪي جو وزن ڪيو ويندو سواءِ صبر ڪرڻ وارن جي جو انهن کي بنا حساب و ڪتاب جي ڏنو ويندو. (تفسير خزائن العرفان، پ23، الزمر، تحت الآية: 10)

(22) جنت جي دروازي جي قريب هڪ وڻ آهي ان جي هيٺان ٻه چشما نڪرن ٿا مؤمن اُتي پهچي هڪ چشمي ۾ غسل ڪندو ان سان ان جو جسم پاڪ ۽ صاف ٿي ويندو ۽ ٻي چشمي جو پاڻي پيئندو ان سان ان جو باطن پاڪيزه ٿي ويندو پوءِ ملائڪ جنت جي دروازي تي (ان جو) استقبال ڪندا.

(تفسير ڪبير، پ24، الزمر، تحت الآية: 9، 479/73_480)

(23) ٻه دوست مؤمن ۽ ٻه دوست ڪافر هئا. مؤمن دوستن مان هڪ مري ويندو آهي ته بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪندو آهي ياربّ فلاڻو تنهنجي ۽ تنهنجي رسول جي فرمانبرداري جو ۽ نيڪي ڪرڻ جو حڪم ڏيندو هو ۽ مونکي بُرائي کان روڪيندو هو ۽ خبر ڏيندو هو ته مونکي تنهنجي حضُور ۾ حاضر ٿيڻو آهي، ياربّ ان کي مون کان پوءِ گمراه نه ڪر ۽ ان کي هدايت ڏي جيئن منهنجي هدايت فرمائي ۽ ان جو اڪرام ڪر جيئن منهنجو اڪرام فرمايو، جڏهن ان جو مؤمن دوست مري ويندو آهي ته الله پاڪ ٻنهي کي جمع ڪندو آهي

۽ فرمائيندو آهي ته توهان مان هر هڪ هڪٻئي جي تعريف ڪري ته هر هڪ چوندو آهي ته هيءُ پلو ياءُ آهي. سنو دوست آهي، سنو ساٿي آهي. ۽ ڀن ڪافر دوستن مان جڏهن هڪ مري ويندو آهي ته دُعا ڪندو آهي، ياربّ مونکي تنهنجي ۽ تنهنجي رسول جي فرمانبرداري کان منع ڪندو هو ۽ بُرائي جو حڪم ڏيندو هو، نيڪي کان روڪيندو هو ۽ خبر ڏيندو هو ته مون ڪي تنهنجي حضور(يعني تنهنجي بارگاهه ۾) حاضر ناهي ٿيڻو، ته الله پاڪ فرمائيندو آهي ته توهان مان هر هڪ هڪٻئي جي تعريف ڪري ته انهن مان هر هڪ هڪٻئي کي برو ياءُ، برو دوست، برو ساٿي چوندو آهي.

(تفسير خزائن العرفان، پ25، الزخرف، تحت الآية: 66)

(24) علم خزانو آهي ۽ سُوال ڪرڻ ان جي چابي آهي، الله پاڪ توهان تي رحم ڪري سوال ڪندا ڪيو ڇوته (هن سوال ڪرڻ جي صورت) ۾ چار ماڻهن کي ثواب ڏنو ويندو آهي. سوال ڪرڻ واري کي، جواب ڏيڻ واري کي، ٻڌڻ واري ۽ انهن سان مُحبَّت ڪرڻ واري کي". (مسند الفردوس، جلد2 ص80، حديث: 4011)

(25) ٽي شيون حافظو وڌائيندڙيون ۽ بلغم پري ڪنديون آهن.(1) مسواڪ (2) روزو (3) قرآنِ پاڪ پڙهڻ. (احياءالعلوم جلد1 ص 364)

(26) جيڪو بنا علم جي ماڻهن کي فتويٰ ڏئي آسمان ۽ زمين جا ملائڪ ان تي لعنت ڪندا آهن. (المستطرف، 39/1)

(27) مظلوم جي ظالم تي غلبي جو ڏينهن (يعني قيامت جو ڏينهن) ظالم جي مظلوم تي غلبي جي ڏينهن کان گهڻو سخت آهي.

(المستطرف،186/1)

(28) ٿوري شيءِ ڏيڻ سان شرم نہ ڪيو ڇوتہ ڏيڻ کان محروم رهڻ ان کان بہ ٿورو آهي. (المستطرف،283/1)

(29) اللہ پاڪ جو قسم! مان قرآنِ ڪريم جي هر آيت جي باري ۾ ڄاڻان ٿو تہ اها ڪڏهن ۽ ڪٿي نازل ٿي، بيشڪ منهنجي ربّ ڪريم مونکي تمام گهڻي سمجهڻ واري دل ۽ وڏيڪ سوال ڪرڻ واري زبان عطا فرمائي آهي. (الطبقات الكبريٰ لابن سعد،257/2)

(30) قيامت جي ڏينهن دنيا خوبصورت شڪل ۾ ايندي ۽ عرض ڪندي: اي منهنجا ربّ! مونکي پنهنجو ڪو ولي عطا فرماءِ، اللہ پاڪ فرمائيندو: وڃ، تنهنجي ڪا اوقات ناهي ۽ نہ ئي منهنجي بارگاھ ۾ ڪو مقام آهي جو مان توکي پنهنجو ڪو ولي عطا ڪريان. پوءِ ان کي پراڻي ڪپڙي جيان ويڙهي جهنم ۾ اڇلايو ويندو.“ (حلية الاولياء، 113/1)

(31) ڀلائي اها ناهي تہ توکي گهڻو مال ۽ اولاد حاصل ٿئي بلڪ ڀلائي اها آهي تہ تنهنجو عمل وڌي ۽ حلم (يعني قوتِ برداشت) بہ عظيم ٿئي ۽ اللہ پاڪ جي عبادت ايتري تہ گهڻي ڪرين جو ماڻهن کان اڳتي وڌي وڃين، جڏهن تون نيڪي ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃين تہ ان تي اللہ جو شڪر ادا ڪر ۽ جيڪڏهن گناھ ۾ پئجي وڃين تہ اللہ پاڪ کان ان جي بخشش گهر. ۽ دنيا ۾ ڀلائي ان ماڻهو کي حاصل ٿيندي آهي جيڪو گناھ ٿيڻ جي صورت ۾ توبہ ڪري ان جي اصلاح ڪري وٺندو آهي يا اهو شخص جيڪو نيڪيون ڪرڻ ۾ جلدي ڪندو آهي. (الزهد للبيهقي، حديث:276/708، ملخصاً)

(32) ”منهنجون 5 ڳالهيون ياد رکو (۽ هي اهڙيون قيمتي ڳالهيون آهن ته) جيڪڏهن توهان اُنن تي سوار ٿي انهن کي تلاش ڪرڻ جي لاءِ نڪرندؤ ته اُٺ ٿڪجي پوندا پر اهي ڳالهيون ملي نه سگهنديون: (1) ٻانهو صرف ربّ ڪريم سان اُميد رکي. (2) پنهنجي گناهن جي ڪري ڊڄندو رهي. (3) اڻ واقف ”علم“ جي بابت سوال ڪرڻ کان نه شرمائي. (4) ۽ جيڪڏهن عالم کي ڪنهن مسئلي جو علم نه هجي ته (هرگز نه ٻُڌائي ۽ لاعلمي جو اظهار ۽ صاف انڪار ڪندي) ”والله اَعۡلَمۡ يعني الله پاڪ سيني کان وڌيڪ علم وارو آهي.“ چوڻ سان نه گهٻرائي ۽ (5) ايمان ۾ صبر جي اها حيثيت آهي جيئن جسم ۾ مٿي جي، اُن جو ايمان (ڪامل) ناهي جيڪو بي صبري جو مظاهرو ڪندو آهي. (شعب الايمان للبيهقي، 124/7، حديث:9718 بتغير قليل)

(33) الله پاڪ جي گمنام ٻانهن جي لاءِ خوشخبري آهي! اهي ٻانها جيڪي پاڻ ته ماڻهن کي سُڃاڻن ٿا پر ماڻهو انهن کي نٿا سُڃاڻن، الله ڪريم (جنت تي مقرر ملائڪ) حضرت رضوان عَلَيهِ السَّلَام کي انهن جي سڃاڻپ ڪرائي ڇڏي آهي اهي ئي ماڻهو هدايت جا روشن چراغ آهن ۽ الله پاڪ تمام تاريڪ فتنا هنن تي ظاهر ڪري ڇڏيا آهن. الله پاڪ انهن کي پنهنجي رحمت (سان جنت) ۾ داخل فرمائيندو. هي نه شهرت چاهيندا آهن ۽ نه ظلم ڪندا آهن ۽ نه وري رياڪاري ۾ پوندا آهن. (الزهد لهناد، 437/2،حديث:861)

(34) ٻڌو! ڪامل فقيه اهو آهي جيڪو ماڻهن کي رحمت الٰهي کان مايوس نه ڪري، الله پاڪ جي عذاب کان بي خوف نه ٿيڻ ڏي، ان جي نافرماني جي رخصت نه ڏي ۽ قرآنِ ڪريم کي ڇڏي ڪري ڪنهن

بي شيءِ ۾ رغبت نہ رکي. (دارمي، 101/1، حديث:297، 298)

(35) اي انسانو! علم جا سرچشمؤ، رات جا چراغ(يعني راتين جو جاڳي ڪري عبادتِ الٰهي ڪرڻ وارؤ)، پراڻي لباس ۾ پاڪيزه دل وارا بڻجي وڃو، ان جي ڪري آسمانن ۾ توهان جي شهرت ٿيندي ۽ زمين ۾ توهان جو ذڪر بلند ٿيندو. (دارمي، 92/1، حديث:256 بتغير)

(36) علم مال کان بهتر آهي. علم تنهنجي حفاظت ڪندو آهي جڏهن تہ مال جي توکي حفاظت ڪرڻي پوندي آهي. علم ڦهلائڻ سان وڌندو آهي جڏهن تہ مال خرچ ڪرڻ سان گُھٽندو آهي. عالم سان ماڻهو محبت ڪندا آهن. عالم، علم جي بدولت پنهنجي زندگي ۾ الله ڪريم جي فرمانبرداري ڪندو آهي. عالم جي مرڻ کان پوءِ بہ اُن جو ذڪرِ خير باقي رهندو آهي جڏهن تہ مال جو فائدو ان جي ختم ٿيڻ سان ئي ختم ٿي ويندو آهي ۽ اهوئي معاملو مالدارن جو آهي جو دنيا ۾ مال ختم ٿيندي ئي ان جو نالو تائين مٽجي ويندو آهي ان جي برخلاف عُلماء جو نالو رهندي دنيا تائين باقي رهندو آهي. مالدارن جو نالو وٺڻ وارا ڪٿي نظر ناهن ايندا جڏهن تہ علماءِ دين جي عزت ۽ مقام هميشہ ماڻهن جي دلين ۾ قائم رهندو آهي. (حلية الاولياء، 121/1)

(37) ٽي عمل مشڪل آهن: (1) پنهنجي جان جو حق ادا ڪرڻ (2) هرحال ۾ الله پاڪ جو ذڪر ڪندو رهڻ ۽ (3) پنهنجي ضرورت مند مسلمان ڀائرن جي مالي مدد ڪرڻ. (حلية الاولياء، 126/1)

(38) جڏهن توهان ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ چاهيو تہ ان ۾ ائين

لڳي وجو جو بس هر وقت ان کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهو. (تعليم المتعلم، ص109)

(39) بيشڪ نعمت جو تعلق ”شڪر“ سان آهي ۽ شڪر جو تعلق نعمتن جي زيادتي سان آهي، هي ٻئي هڪٻئي کي لازم آهن. پوءِ الله پاڪ جي طرفان نعمتن جي زيادتي ان وقت تائين ناهي رُڪندي جيستائين ٻانهي جي طرفان ”شڪر“ نہ رُڪجي وڃي. (شڪر جا فضائل، ص11)

(40) سيپارو 28 سورة التحريم جي آيت نمبر6 (يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا قُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَ اَهۡلِيۡكُمۡ نَارًا) جي تفسير بيان ڪندي حضرتِ علي شيرخدا رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: هن آيت جو تقاضو آهي تہ پاڻ کي ۽ پنهنجي گهر وارن کي ڀلائي جي تعليم ڏيو ۽ انهن کي آدابِ زندگي سيکاريو. (تفسيرِ درمنثور، 225/8)

(41) منهنجي ويجهو ڪوبہ ان شخصيت کان وڌيڪ پسنديده ناهي جنهن الله ڪريم سان پنهنجي نيڪ اعمالنامي سان ملاقات ڪئي هجي. (تاريخ الخلفاء،ص45)

## شيخينِ ڪريمين جي باري ۾ ارشادات

(42) جيڪو مونکي حضرت ابوبڪر ۽ عمر (رَضِيَ اللهُ عَنۡهما) کان افضل چئي تہ مان ان کي مفتري جي(يعني بهتان هڻڻ واري کي ڏيڻ واري) سزا ڏيندس. (تاريخ ابن عساڪر، 383/30)

(43) هن اُمت ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان پوءِ سڀني کان بهتر (حضرت) ابوبڪر ۽ عمر (رَضِيَ اللهُ عَنۡهُما) آهن. (تاريخ ابن عساڪر، 346/30)

امام ذهبي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو تہ هي قول حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ سان بتواتر منقول آهي. (تاريخ الخلفاء، ص34)

(44) حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه ”شڪر ڪرڻ وارن ۾ الله پاڪ جي پسنديده ٻانهن جا اَمين آهن.
(تفسير خزائن العرفان، پ 4، آل عمران، تحت الآية:144، 3/ 137)

(45) اسان ۾ سڀني کان وڌيڪ بهادر حضرت ابوبکر صديق ئي هئا.

(مسند بزار، 14/3، حديث:761)

(46) ياد رکو! اهي (يعني حضرتِ ابوبکر صديق رضي الله عنه) انسانن ۾ سڀ کان وڌيڪ رحم دل، نبي ڪريم صلّى الله عليه واله وسلّم جا يارِ غار ۽ پنهنجي مال سان پاڻ ڪريم صلّى الله عليه واله وسلّم کي سڀ کان وڌيڪ نفعو پهچائڻ وارا آهن.
(الرياض النضرة،130/1)

(47) اسان سڀني اصحابن مان حضرت ابوبکرصديق(رضي الله عنه) سڀ کان افضل آهن. (الرياض النضره،138/1)

(48) (قسم کڻي ارشاد فرمايائون:) ”الله پاڪ ابوبکر جو نالو ”صديق“ آسمان تان نازل فرمايو آهي.

(مستدرڪ علي الصحيحين،4/4 ، حديث:4461)

(49) مان ته حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه جي تمام نيڪين مان صرف هڪ نيڪي آهيان.

(فضائل ابي بکر الصديق للعشاري، ص51،رقم:29، تاريخ ابن عساڪر،383/30)

(50) حضور نبي ڪريم، رؤف الرّحيم صلّى الله عليه واله وسلّم کان پوءِ سڀني کان بهترين شخصيتون(حضرت) ابوبکر ۽ عمر(رضي الله عنهما) آهن، ڪنهن مؤمن جي دل ۾ منهنجي محبت ۽ حضرت ابوبکر ۽ عمر(رضي الله عنهما) جو بغض جمع نٿو ٿي سگهي. (معجم اوسط،79/3، حديث:3920، تاريخ ابن عساڪر،356/30)

# جنت جو اجازت نامو

هڪ ڀيرو حضرتِ ابوبڪر صديق رضي الله عنه ۽ حضرت موليٰ علي شيرِ خدا رضي الله عنه جي ملاقات ٿي تہ صديق اڪبر موليٰ علي کي ڏسي مسڪرائڻ لڳا. حضرتِ عليُّ المرتضيٰ پڇيو: ”توهان ڇو مُسڪرائي رهيا آهيو؟“ حضرت ابوبڪر صديق فرمايو:”مون رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اِهو فرمائيندي ٻڌو تہ پلصراط تان اهو ئي گذرندو جنهن کي علي المرتضيٰ تحريري اجازت نامو ڏيندا.“ اهو ٻُڌي ڪري حضرتِ علي بہ مسڪرائڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا: ”ڇا مان توهان کي رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طرفان توهان جي لاءِ بيان ڪيل خوشخبري نہ ٻڌايان تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمارشاد فرمايو: پلصراط تان گذرڻ جو تحريري اجازت نامو صرف انهيءَ کي ملندو جيڪو ابوبڪر سان محبت ڪرڻ وارو هوندو.“
(الرياض النضرة، 207/1)

(51) پنهنجي زبان کي قابو ۾ رکو ڇوتہ انسان جي هلاڪت گهڻي گفتگو ڪرڻ ۾ آهي. (بحر الدموع، ص175)

(52) جڏهن ٻانهو فوت ٿيندو آهي تہ زمين ۾ ان تي نماز واري جڳهہ ۽ آسمان ۾ ان جي عمل وارو نڪاڻو اُن تي روئندا آهن.
(الزهد لابن المبارڪ، ص114، حديث:336)

(53) جيڪو نماز ۾ بيهي قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪري، ان جي لاءِ هر حرف جي بدلي 100 نيڪيون آهن ۽ جيڪو ويهي تلاوت ڪري ان جي لاءِ هر حرف جي بدلي 50 نيڪيون آهن ۽ جيڪو نماز کان علاوه باوضو تلاوت ڪري ان جي لاءِ 25 نيڪيون آهن ۽ جيڪو بنا وضو تلاوت ڪري ان جي لاءِ 10 نيڪيون آهن ۽ رات جو قيام (يعني عبادت) افضل آهي ڇوتہ ان وقت دِل وڌيڪ فارغ هوندي آهي.“ (احياء العلوم، 366/1)

(54) تعجب آهي اُن شخص تي جيڪو سامانِ تجارت رکڻ جي باوجود هلاڪ ٿي ويندو آهي. پڇيو ويو: سامانِ تجارت ڇا آهي؟ فرمايائون: استغفار. (احياءالعلوم 414/1)

(55) مان ان شخص کي ڪامل عقل وارو نٿو سمجهان جيڪو سوره بقره جون آخري ٻه آيتون پڙهي نه سمهندو هجي. (احياءالعلوم، 454/1) ٻه آيتون هي آهن:

اٰمَنَ الرَّسُوْلُ بِمَاۤ اُنْزِلَ اِلَیْهِ مِنْ رَّبِّهٖ وَ الْمُؤْمِنُوْنَؕ كُلٌّ اٰمَنَ بِاللّٰهِ وَ مَلٰٓىٕكَتِهٖ وَ كُتُبِهٖ وَ رُسُلِهٖ۫ لَا نُفَرِّقُ بَیْنَ اَحَدٍ مِّنْ رُّسُلِهٖ۫ وَ قَالُوْا سَمِعْنَا وَ اَطَعْنَا ﱪ غُفْرَانَكَ رَبَّنَا وَ اِلَیْكَ الْمَصِیْرُ (۲۸۵) لَا یُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَاؕ لَهَا مَا كَسَبَتْ وَ عَلَیْهَا مَا اكْتَسَبَتْؕ رَبَّنَا لَا تُؤَاخِذْنَاۤ اِنْ نَّسِیْنَاۤ اَوْ اَخْطَاْنَاۚ رَبَّنَا وَ لَا تَحْمِلْ عَلَیْنَاۤ اِصْرًا كَمَا حَمَلْتَهٗ عَلَى الَّذِیْنَ مِنْ قَبْلِنَاۚ رَبَّنَا وَ لَا تُحَمِّلْنَا مَا لَا طَاقَةَ لَنَا بِهٖۚ وَ اعْفُ عَنَّاٙ وَ اغْفِرْ لَنَاٙ وَ ارْحَمْنَاٙ اَنْتَ مَوْلٰىنَا فَانْصُرْنَا عَلَى الْقَوْمِ الْكٰفِرِیْنَ۠ (۲۸۶)

ترجمو ڪنزالايمان: رسول ايمان آندو ان تي جيڪو سندس رب جي طرفان مٿس نازل ٿيو، ۽ ايمان وارن، سمورن مڃيو. الله ۽ سندس ملائڪن ۽ سندس ڪتابن ۽ سندس رسولن کي هي چوندي ته اسان ڪنهن رسول تي ايمان آڻڻ ۾ فرق نٿا ڪريون ۽ عرض ڪيائون ته اسان مڃيو ۽ پڌو تنهنجي معافي گهُرجي اي اسان جا رب ۽ تو ڏانهن

ئي موٽڻ آهي. الله ڪنهن جان تي بار نہ رکندو آهي مگر سندس طاقت آهر، سندس پلو آهي جي چڱو ڪيائين ۽ سندس نقصان آهي جي برائي ڪيائين اي اسان جا رب اسان کي پڪڙ نہ فرماءِ جيڪڏهن اسان وساريون يا غلطي ڪري ويهون اي اسان جا رب اسان تي ڳرو بار نہ رک جهڙو (يا جيئن) تو اسان کان اڳين تي رکيو هو اي اسان جا رب اسان تي اهو بار نہ وجهہ جنهن جي اسان کي طاقت نہ هجي ۽ اسان کي معاف فرماءِ ۽ بخش ۽ اسان تي مهر فرماءِ تون اسان جو مولٰي آهين تون اسان کي ڪافرن تي فتح ڏي.

## چڱي صحت جي باري ۾ ارشادات

❖ جيڪو ڪاڏو نمڪين شيءِ سان شروع ڪندو آهي الله ڪريم ان کان 70 بيماريون پري ڪري ڇڏيندو آهي. ❖ جيڪو روزانو ست ڪجورون ڪائيندو ڪري ان جي پيٽ جون بيماريون ختم ٿي وينديون. ❖ جيڪو روزانو 21 داڻا سرخ ڪشمش جا ڪائيندو ڪري تہ پنهنجي جسم ۾ ڪا ناپسنديده شيءِ ڪونہ ڏسندو ❖ گوشت گوشت پيدا ڪندو آهي. ❖ ثريد اهلِ عرب جو ڪاڌو آهي. ❖ نفاس واري عورت جي لاءِ تر ڪجورن کان بهتر ڪا شيءِ ناهي. ❖ مڇي جسم کي ڳاريندي آهي (يعني صحتمند ڪري ڇڏيندي آهي). ❖ جيڪو ڊگهي عمر چاهي تہ اهو ناشتو جلد (يعني صبح ساجهر) ڪري، شام جو ڪاڌو دير سان ڪائي ۽ چادر هلڪي رکي يعني قرض نہ وٺي. (عيون الاخبار، جلد3 ص 293)

(56) ٽي عادتون مردن ۾ بريون ۽ عورتن ۾ سنيون آهن: (1) بخل. (2) خود پسندي ۽ (3) بُزدلي. **وضاحت:** جڏهن عورت بخيل (يعني ڪنجوس) هوندي تہ پنهنجي ۽ مڙس جي مال جي حفاظت ڪندي. خودپسند

هوندي تہ هرڪنهن سان نرم گفتگو ناپسند ڪندي ۽ بزدل هوندي تہ هر شيء سان گهبرائيندي، تنهنڪري گهران ٻاهر ڪانہ نڪرندي ۽ پنهنجي مڙس جي خوف سان تهمت جي جڳهين کان بچندي.“

(احياءالعلوم، 50/2)

(57) اي تاجرؤ! پنهنجو حق وٺو ۽ ٻين جو حق ڏيو، سلامتي ۾ رهندؤ ۽ ٿوري نفعي کي نہ موٽايو نہ تہ گهڻي نفعي کان محروم ٿي ويندؤ.

(احياءالعلوم، 103/2)

(58) توهان جو سچو دوست اهو آهي جيڪو توهان جو ساٿ ڏي ۽ توهان جي فائدي جي لاءِ پاڻ کي نقصان پهچائي جڏهن توهان کي گردشِ زمانہ پهچي (يعني جڏهن توهان جا حالات تنگ ٿي وڃن) تہ توهان جو سهارو بڻجي ۽ توهان جي حفاظت جي لاءِ پنهنجي چادر ڦهلائي. (احياءالعلوم، 214/2)

(59) جڏهن توهان مان ڪنهن جي پيٽ ۾ سور پئي تہ پنهنجي گهر واريءَ کان سندس مَهر مان ڪجهہ رقم گهري ۽ انهيءَ رقم مان شهد خريدي ۽ ان شهد کي بارش جي پاڻي سان ملائي پيئي. ائين هن جي پيئڻ ۾ هَناء (لفظ هناء سان هن آيت جي طرف اشارو آهي:

وَ اٰتُوا النِّسَآءَ صَدُقٰتِهِنَّ نِحۡلَةً ؕ فَاِنۡ طِبۡنَ لَکُمۡ عَنۡ شَیۡءٍ مِّنۡهُ نَفۡسًا فَکُلُوۡهُ هَنِیۡٓـًٔا مَّرِیۡٓـًٔا ﴿۴﴾ (پ4، سورة النساء آيت نمبر4)

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ عورتن کي سندن مَهر خوشي سان ڏيو پوءِ جي اهي پنهنجي دل جي خوشي سان مَهر مان ڪجهہ حصو توهان کي ڏين تہ ان کي کائو خوشگوار ۽ مزي سان) شفاء ۽ مبارڪ پاڻي جو اجتماع ٿي ويندو. (احياءالعلوم، 262/2)

(60) انسانو! توهان پاڻ ۾ شهد جي مکين جيان ٿي وڃو، جيتوڻيڪ ٻيا پکي انهن کي ڪمزور ۽ حقير ٿا سمجهن پر جيڪڏهن انهن کي اها خبر پئجي وڃي ته شهد جي مکين ۾ الله پاڪ وڏي برڪت رکي آهي ته ڪڏهن انهن کي حقير نه سمجهن ها. (تاريخ الخُلفاء، ص143)

(61) اي قرآن سکڻ وارؤ! احڪامِ قرآني تي عمل ڪيو عالم اهوئي آهي جيڪو علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ ان تي عمل ڪري ۽ پنهنجي علم تي پنهنجي عمل جي موافقت ۾ پورو لهي(يعني ان جو علم ۽ عمل ٻئي مواقف ٿي وڃن.) (تاريخ الخلفاء، ص 143)

(62) ”توفيقِ الٰهي“ بهترين رهبر آهي، ”خوش اخلاقي“ بهترين دوست آهي، ”عقل ۽ شعور“ بهترين ساٿي آهي، ”اَدب“ بهترين ميراث آهي، ۽ ”غم“ تڪبر کان به وڌيڪ بدتر آهي. (تاريخ الخلفاء، ص 144)

(63) مصيبت ۽ پريشاني به هڪ مقام تي پهچي ختم ٿي ويندي آهي. ان ڪري عقلمند کي گهرجي ته مصيبت جي حالت ۾ صبر ڪري ته جيئن مصيبت پنهنجي مدت تي هلي وڃي نه ته مدت ختم ٿيڻ کان پهريان مصيبت کي پري ڪرڻ جي ڪوشش مصيبت کي اجان وڌائيندي آهي. (تاريخ الخلفاء، ص 144)

## امام حسن مجتبٰي کي نصيحتون

(64) بدبخت ابنِ ملجم جي زخمي ڪرڻ تي نواسهءِ رسول حضرتِ امام حسن مجتبيٰ رَضِيَ اللهُ عَنه پنهنجي پياري والدِ محترم حضرتِ علي رَضِيَ اللهُ عَنه جي خدمت ۾ روئندي حاضر ٿيا ته حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنه پنهنجي لغتِ

جگر کي ارشاد فرمايو: پٽ اٺ ڳالهيون ياد رکجانء: (1) سڀ کان وڏي دولت ”عقلمندي“ آهي(2) سڀ کان وڏي غربت”بيوقوفي“ آهي (3) سڀ کان وڏي وحشت ۽ گھبراهٽ ”تڪبر“ آهي،(4) سڀ کان وڏي بزرگي ۽ ڪرم ”خوش اخلاقي ۽ چڱو ڪردار“ آهي. پٽ! هنن شين کان هميشہ بچجانء: (1) بي وقوف جي دوستي کان، جيتوڻيڪ اهو نفعو پهچائڻ چاهيندو آهي پر آخرڪار ان کان تڪليف ئي ملندي آهي.(2) ڪوڙي ساٿي کان، ڇوتہ اهو ويجهو کي پري ۽ پري کي قريب ڪري ڇڏيندو آهي.(3) ڪنجوس جي ساٿ کان، انڪري جو اهو توهان کان اهي شيون ڇڏرائيندو آهي جن جي توهان کي سخت ضرورت پوندي آهي. ۽ (4) فاجر (يعني گنهگار) جي دوستي کان انڪري جو اهو توکي ٿوري شيء جي بدلي ۾ وڪڻي ڇڏيندو. (تاريخ الخلفاء، ص 145)

(65) وڏيڪ هوشياري دراصل ”بدگماني“ آهي. (تاريخ الخلفاء،ص146)

(66) محبت پري جي خاندان واري کي قريب ڪري ڇڏيندي آهي ۽ دشمني خاندان جي قريبي رشتيدار کي پري هٽائي ڇڏيندي آهي. هٿ جسم سان تمام گھڻو قريب آهي پر سڙي سُڪي وڃڻ تي ڪٽيو ويندو ۽ آخرڪار داغيو ويندو آهي. (تاريخ الخلفاء، ص 146)

(67) جڏهن مون سان ڪا اهڙي ڳالھ پيچي وڃي جنهن بابت مان چوان ٿو تہ الله پاڪ بهتر ڄاڻي ٿو جو مان هن مسئلي کان ناواقف آهيان تہ ان وقت مونکي خوب راحت ملندي آهي ۽ منهنجو هي جواب خود مونکي گھڻو وڻندو آهي. (تاريخ الخلفاء،ص147)

(68) ماڻهن ۾ عدل ۽ انصاف ڪرڻ واري تي لازم آهي تہ جيڪو ٻين جي لاءِ پسند ڪري اهو ئي پنهنجي لاءِ پسند ڪري. (تاريخ الخلفاء، ص147)

(69) توهان آخرت جا پٽ بڻجو! دنيا جا نہ انڪري جو اَڄ (يعني دنيا ۾) عمل آهي، حساب ناهي ۽ ڪالهه (يعني آخرت ۾) حساب آهي عمل ناهي.

(70) رياڪار جون ٽي علامتون آهن جڏهن اڪيلو هجي تہ عبادت ۾ سُستي ڪري ۽ نفل ويهي پڙهي ۽ جڏهن ماڻهن ۾ هجي تہ سستي نہ ڪري بلڪ عمل وڌيڪ ڪري ۽ جڏهن ماڻهو ان جي تعريف ڪن تہ عبادت وڌيڪ ڪري، جيڪڏهن ماڻهو برائي ڪن تہ ڇڏي ڏي.

(تنبيه المغترين، ص26)

(71) جيڪو جنت جو اميدوار ٿيو ان نيڪين ۾ جلدي ڪئي، جيڪو جهنم کان ڊنو ان پاڻ کي ناجائز خواهشن کان روڪيو ۽ جنهن کي موت جو يقين اچي ويو ان دنيا جي لذتن کي ختم ڪري ڇڏيو.

(مڪاشفة القلوب، ص 31)

(72) اڪيون شيطان جو ڇار آهن سريع الاثر(جلد اثر قبول ڪرڻ وارو) عضوو آهي ۽ تمام جلدي هارجي ويندو آهي، جنهن پنهنجي جسماني عضون کي الله پاڪ جي عبادت ۾ استعمال ڪيو ان جي اميد پوري ٿي ۽ جنهن پنهنجي بدن جي عضون کي خواهشات جي پويان لڳايو ان جا عمل باطل ٿي ويا. (مڪاشفة القلوب، ص92)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺيون سُٺيون نيتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو "فڪرِ مدينہ" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "**مدني انعامات**" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل






عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net